# حاجين جا واقعا

سنڌي



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: حاجين جا واقعا

ڇاپو پهريون: شوال المكرم 1441هـ، جون 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# حاجين جا واقعا

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

هي مضمون ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جي صفحي 68 کان 102 مان ورتو ويو آهي.

# حاجين جا واقعا

## دعاءِ عطار

ياربَّ العٰلمين! جيڪو به رسالو ”حاجين جا واقعا“ جا 35 صفحا پڙهي يا ٻڌي وني ان کي بار بار حج ۽ مديني جي زيارت سان مشرف فرماءِ.

## درود شريف جي فضيلت

### رحمت عالم ﷺ جو سلام پنهنجي هڪ غلام جي نالي

حضرت سيدنا ابوالفضل ابن زِيرَڪ قُومَسَاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون وٽ خراسان کان هڪ عاشق رسول آيو ۽ چوڻ لڳو ته اَلْحَمْدُلِلّٰه مان مسجد نبوي شريف عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ ستل هئس ته جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون تي خواب ۾ ڪرم ڪيو ۽ فرمايو: ”جڏهن تون همدان وڃين ته ابوالفضل ابن زِيرَڪ کي منهنجو سلام چئجان.“ مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي ايتري ڪرم جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: هو مون تي روزانو 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو آهي. سيدنا ابو الفضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ اهو خراساني (مون کي) چوڻ لڳو ته مون کي به اهو درود پاڪ ٻڌايو جنهن جو

اوهان وِرد ڪندا آهيو تہ مون ان ڪي ٻڌايو تہ مان هر ڏينهن 100 يا ان کان وڌيڪ ڀيرا هي درود پاڪ پڙهندو آهيان:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰی آلِ مُحَمَّدٍ جَزَی اللّٰهُ مُحَمَّدًا عَنَّا مَاهُوَ اَهْلُهٗ

ان عاشق رسول اهو درود پاڪ مون کان سکي ورتو ۽ قسم کڻي چوڻ لڳو تہ مان اوهان کي نہ سڃاڻندو هئس ۽ نہ ئي اوهان جو ڪڏهن نالو ئي ٻڌو هو، اوهان جي باري ۾ مون کي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌايو. حضرت سيدنا ابوالفضل ابن زيرڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مان ان خوشنصيب عاشق رسول کي تحفو پيش ڪيو تہ جيئن پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ڪجھ وڌيڪ ٻڌان، پر قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي چوڻ لڳو تہ مان رحمت عالميان، رسول ذيشان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پيغام پهچائڻ جو ڪو دنياوي بدلو نہ ٿو چاهيان. ان کان پوءِ ان عاشق رسول کي مون ڪڏهن نہ ڏٺو. (تاريخ الاسلام للذهبي ج 32 ص 63)

## ﴿52﴾ مرحوم والد تي جهنگل ۾ وڏو ڪرم ٿيو

حضرت سيدنا سُفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان طواف دوران هڪ عاشق رسول کي هر قدم تي حضور نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهندي ڏٺو تہ پڇا ڪئي: ياءُ! ”سُبۡحٰنَ اللّٰهِ.لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ جي بدران صرف درود پاڪ پڙهڻ ۾ ڪهڙو راز آهي؟ تہ ان منهنجو نالو پڇيو ۽ پوءِ چيو: مان پنهنجي والد محترم سان گڏ حجّ بيت اللّٰه جي لاءِ نڪتس. سفر ۾ والد صاحب تمام سخت بيمار ٿي پياءِ اسين هڪ هنڌ اچي ترسياسين. علاج وغيره ڪرايو پر قضاءِ الاهي سان هو فوت ٿي ويا. هڪدم سندن چهرو

ڪارو ۽ اڪيون متي تي ويون ۽ پيٽ بہ سڄي ويو. اهو ڏسي مان گهٻرائجي ويس ۽ روئيندي پڙهڻ لڳس اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ مان مرحوم جي منهن تي چادر وڌي. ان پريشاني جي حالت ۾ مون کي ننڊ اچي وئي تہ مان خواب ۾ انتهائي صاف ۽ سهڻي لباس ۾ ملبوس هڪ حسن و جمال جي پيڪر، معطر معطر بزرگ جي زيارت ڪئي. اهڙي حسن و جمال وارو مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو ۽ اهڙي خوشبوءِ بہ مون ڪڏهن نہ سونگهي هئي. هو محترم والد صاحب جي ويجهو تشريف فرما ٿيا، چادر پري ڪري پنهنجو نوراني هٿ انهن جي چهري تي گهمايائون ڏسندي ئي ڏسندي مرحوم جي چهري جي ڪاراڻ نور ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اکيون ۽ پيٽ بہ صحيح ٿي ويو. جڏهن اهي نوراني بزرگ واپس وڃڻ لڳا تہ مان ان جي دامن سان چنبڙي پيس ۽ عرض ڪيو: اوهان ڪير آهيو؟ جنهن جي ڪري ربّ تعالیٰ منهنجي والد صاحب تي هن ويراني ۾ اهو احسان فرمايو آهي. فرمائڻ لڳا: ڇا تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟ مان صاحب قرآن محمد بن عبدالله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان، توهان جو والد گنهگار هو، پر مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو هو، جڏهن هو ان تڪليف ۾ مبتلا ٿيو تہ مون کي فرياد ڪيو هئائين ۽ بيشڪ جيڪو مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو آهي تہ ان جو فرياد ٻڌندو آهيان. پوءِ منهنجي اک کلي وئي ۽ مون ڏٺو تہ حقيقت ۾ بہ منهنجي والد صاحب جي چهري تي نور ڦهليل هو ۽ پيٽ بہ پنهنجي اصل حالت ۾ اچي چڪو هو. (ملخص از تفسير روح البيان ج 7 ص 225) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت — پیارے پڑھوں نہ کیوں کر تم پر سلام ہر دم
للہ! اب ہماری فریاد کو پہنچئے! — بے حد ہے حال اَبتَر تم پر سلام ہر دم

(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿53﴾ پنهنجي آقا کان اڳ ۾ طواف نہ ڪندس

محبوب ربِّ غني، مڪي مدني صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صلح حُدَیبیہ جي موقعي تي حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي پنهنجو سفير بڻائي مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا موڪليو تہ جيئن ڪافرن سان مذاڪرات ڪن، ڇو تہ انهن ماڻهن اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ هن سال شاهِ خير الانام صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان کي مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندا. حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪعبي جي حرم ۾ پهتا تہ انهن کي ٻڌايو ويو تہ هن سال اوهان حج نٿا ڪري سگهو. مڪي جي ڪافرن حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي چيو: جيئن تہ اوهان اچي چڪا آهيو ان ڪري چاهيو تہ طواف ڪري ونو. حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بغير طواف ڪرڻ منظور نہ هو ان ڪري فرمايائون: مَا كُنْتُ لِاَفْعَلَ حَتّٰى يَطُوْفَ بِهٖ رَسُوْلُ اللّٰهِ يعني مان ان وقت تائين طواف نہ ڪندس جيستائين رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طواف نہ ڪن. (مسند امام احمد ج 6 ص 489 حديث 18932)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا
محبوبِ خدا یار ہے عثمانِ غنی کا

(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿54﴾ 20 پيادل حج جو سفر

راڪبِ دوشِ مصطفي، سيِّدُالاَسخِيا، برادر شهيد ڪربلا، جگر گوشہ فاطمہ، دلبند مرتضيٰ، سيدنا امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن هڪ ڀيري فرمايو: ”مان تمام گهڻو شرمسار آهيان. افسوس! اللّٰه تعاليٰ سان ڪيئن ملاقات ڪندس! افسوس ان جي پاڪ گهر يعني (ڪعبي شريف) تائين ڪڏهن پيادل هلي نہ آيس. ان ڪان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ 20 ڀيرا مدينہ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا کان مڪہ مڪرمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا حج جي لاءِ پيادل آيا. روايت آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ کان پوءِ مقام ابراهيم تي ہہ رڪعتون نماز واجبُ الطّواف ادا ڪيون ۽ پوءِ پنهنجو ڳل مبارڪ مقامِ ابراهيم تي رکي اوڇنگارون ڏئي روئيندي هيئن مناجات ڪئي: اي منهنجا ربّ قدير عَزَّوَجَلَّ تنهنجو حقير ٻانهو تنهنجي دروازي تي حاضر آهي، تنهنجو سوالي تنهنجي دروازي تي حاضر آهي تنهنجو مسڪين ٻانهو تنهنجي دروازي تي حاضر آهي ۽ انهن ئي لفظن کي ور ور ورجائيندا رهيا ۽ روئيندا رهيا. ان کان پوءِ مسجد الحرام کان ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ ڪجھ مسڪينن وٽان لنگهيا جيڪي صدقي جي مانين جا ٽڪرا کائي رهيا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ انهن کي سلام ڪيو. سلام جي جواب کان پوءِ انهن کائڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بنا حجاب جي انهن جي دستر خوان تي ويهي رهيا ۽ فرمايائون: جيڪڏهن اهي

مانين جا ٽڪرا صدقي جا نہ هجن ها تہ اوهان سان گڏ کائڻ ۾ ضرور شريڪ ٿيان ها، پر اسان آل رسول جي لاءِ صدقو حرام آهي. ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ انهن مسڪنين کي پنهنجي قيام گاهہ تي وٺي آيا ۽ سيني کي سنو کاڌو کارايائون ۽ پوءِ موڪلائڻ وقت سيني کي درهم بہ عنايت ڪيائون. (المستطرف ج 1 ص 23) **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

وہ حَسَن مُجتبیٰ سیِّدُ الاَسْخِیا
راکبِ دوشِ عزّت پہ لاکھوں سلام

(وسائل بخشش)

## ﴿55﴾ آقا سان گڏ برسات ۾ طواف جي سعادت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! برسات ۾ طواف جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي! حضرت سيدنا ابو عِقال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان گڏ مان برسات ۾ طواف جي سعادت حاصل ڪئي ۽ جڏهن **”مقامِ ابراهيم“** تي بہ رڪعتون ادا ڪيون تہ حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: هاڻي نئين سر عمل شروع ڪيو بيشڪ تنهنجا گناهہ بخشيا ويا آهن. ڇو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اسان کي ائين ئي فرمايو ۽ اسان رسول **اللہ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ برسات ۾ طواف جو شرف حاصل ڪيو هو. (ابن ماجه ص 524 ج 3 حديث 3118)

آج ہے رُوبرو مرے کعبہ سلسلہ ہے طواف کا یا ربّ
اَبْر برسا دے نور کا کہ لوں بارشِ نور میں نہا یا ربّ

(وسائل بخشش87)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿56﴾ مون کي حرم شريف ڏانهن وٺي هلو

حضرت مولانا عبدالحق اِلٰہ آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هندستان جا رهاڪو ۽ جليل القدر عالمِ دين هئا. چاليهه سالن کان وڌيڪ مکي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ قيام ڪيو، پابندي سان هر سال حج ڪندا هئا. هڪ سال حج جي زماني ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام گهڻو بيمار ٿي پيا، (ذوالحِجّةِ الحرام جي نائين تاريخ پنهنجي شاگردن کي چيائون: "مون کي حرم شريف ڏانهن وٺي هلو." ڪيترن ئي ماڻهن کٽي ڪري ڪعبي شريف جي سامهون ويهاريو، زم زم گهرائي پيتائون ۽ دعا گهريائون: "يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! حج کان محروم نہ رک" انهيءَ وقت مولٰي تعاليٰ اهڙي طاقت عطا فرمائي جو اٺي ڪري پنهنجن پيرن سان عرفات شريف ويا ۽ حج ادا ڪيائون.
(ملفوظاتِ اعلي حضرت حصو 2 ص 198 ملخصًا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن پڪو ۽ پختو يقين آهي تہ بيشڪ زم زم جو پاڻي پيئڻ کان پوءِ جيڪا بہ دعا گهري وڃي تہ قبول ٿيندي، ۽ قبول ڇو نہ ٿيندي جو فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: "زم زم جنهن مراد جي لاءِ پيتو وڃي اها پوري ٿيندي آهي." (ابن ماجه ج 3 ص 490 حديث 3062)

یہ زم زم اُس لئے ہے جس لئے اس کو پیے کوئی
اِسی زم زم میں جنّت ہے اِسی زم زم میں کوثر ہے
(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿57﴾ نڙيءَ ۾ سٿيل ڦاسڻ جو زم زم سان علاج

حمزه بن واصل پنهنجي والد محترم کان نقل ڪن ٿا: حرم پاڪ ۾ هڪ ماڻهو سَتو (ڀُڳل جوَن جو اٽو) کاڌو ان ۾ سئي هئي

جيڪا نڙيءَ ۾ وڃي قاسي پئي جنهن سان شديد تڪليف ٿيڻ لڳي. ڪافي ڪوششون ڪيون پر آرام نہ ٿيو، پوءِ اهو سور وچان تڙپندي چوڻ لڳو: منهنجو آخري علاج زم زم آهي، مون کي آبِ زم زم پياريو وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! زم زم شريف پاڻي جي برڪت سان ان کي شفا ملي وئي. راوي چون ٿا تہ منهنجي والد صاحب ان ماڻهوءَ کي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ حرم شريف ۾ ڏٺو تہ هو پُر سڪون ۽ مڪمل صحت ياب هو. (شفاءُ الغرام ج 1 ص 338)

مىں مکّے میں جا کر کروں گا طواف اور
نصیب آبِ زم زم مجھے ہو گا پینا
(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿58﴾ اُڄ جي بيماري ۾ زم زم جي بهار

هڪ يمني جيڪو اِستِسقا (يعني پيٽ ڦوڪجڻ ۽ تمام گهڻي اُڃ) جي مرض ۾ ورتل هو، يمن جي طبيبن ان کي لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو هو، مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ حاضر ٿيو. اتي جي طبيبن بہ معذرت ڪئي، اللّٰه تعاليٰ ان جي دل ۾ وڌو تہ هو زم زم پاڻي پيئي، ان ڪري هن خوب پيٽ ڀري زم زم پاڻي پيتو ۽ اللّٰه تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان شفا ياب ٿي ويو. (ايضاً ص 255)

تُو مکّے کی گلیاں دکھا یا الٰہی وہاں خوب زم زم پلا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿59﴾ عطائن جو ٽوهه ۽ سزائن جو ٽوهه

مجاهد بن يحيٰ بلخي فرمائن ٿا: هڪ خراساني 60 سالن کان مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا ۾ رهندو هو. جيڪو وڏو عابد زاهد، شب بيدار شخص هو، ڏينهن جو قرآن پاڪ پڙهندو هو ۽ سڄي رات طواف ڪندو هو. هڪ نيڪ پرهيزگار شخص سان ان خراساني جي دوستي هئي ان نيڪ شخص پنهنجي خراساني دوست کي ڏهه دينار امانت طور ڏنا ۽ سفر تي هليو ويو. جڏهن سفر تان موٽيو ته خبر پئي ته ان جو خراساني دوست فوت ٿي چڪو آهي. هو انهن جي وارثن وٽ ويو ۽ پنهنجي امانت گهري، پر انهن لاعلمي ظاهر ڪئي. ان صالح شخص مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي عالمن وٽ ان واقعي جو تذڪرو ڪيو ته انهن فرمايو اسان کي اميد آهي ته مرحوم خراساني جنتي هوندو تون اڌ رات جو زم زم جي کوهه جي اندر جهاتي پائي ائين آواز لڳاءِ: "اي خراساني! مون تو کي امانت ڏني هئي، هو جواب ضرور ڏيندو." هن ائين ئي ڪيو، پر زم زم جي کوهه مان جواب نه آيو. ان پيهر مڪي شريف جي عالمن سان رابطو ڪيو. انهن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته شايد هو جنتين مان ناهي، نه ته ان جو روح زم زم جي کوهه تي ضرور اچي ها، هاڻي تون يمن ۾ برهوت جي کوهه تي وڃي اهڙي طرح سڏ ڪر. اهو کوهه جهنم جي ڪناري تي آهي ۽ اتي جهنمين جا روح آهن. ان ڪري هو يمن پهتو ۽ برهوت جي کوهه تي جهاتي پائي آواز ڏنو: "اي خراساني! مون تو کي امانت ڏني هئي." اتي روحن کي رڙيون ڪندي ٻڌائين. هڪ کان پڇيائين ته تون عذاب ۾ قاتل چو آهين؟ ان چيو: "مان ظالم هئس حرام کائيندو هئس، ان ڪري مَلَڪُ الموت

مون کي هتي اچلايو آهي." بئي روح چيو: "مان عبدالملک بن مروان جو روح آهيان، ظلم جي ڪري هتي عذاب ۾ آهيان." ان نيڪ شخص جو بيان آهي تہ مون ٽيون آواز ٻڌو، جيڪو ان مرحوم خراساني دوست جو هو، مون پڇيو: تون هتي ڪيئن؟ تون تہ عابد زاهد هئين، خراسانيءَ چيو تہ منهنجي هڪ معذور ڀيڻ هئي، جنهن کان مون لاپرواهي ۽ قطع رحمي ڪئي يعني مائٽي ٽوڙي، جنهن جي ڪري عبادت ضايع ٿي وئي ۽ عذاب ۾ ڦاٿل آهيان، ان پڇيو: منهنجي امانت ڪٿي آهي؟ خراساني چيو: منهنجي گهر جي فلاڻي ڪنڊ ۾ دفن آهي، اتان وڃي ڪڍي وٺ. اهو نيڪ شخص خراساني مرحوم جي گهر آيو ۽ اتان پنهنجي رقم ڪڍي ۽ پوءِ ان جي ڀيڻ وٽ ويو ۽ ان جون ضرورتون پوريون ڪيون تہ اها خوش ٿي وئي. ان نيڪ شخص مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا حاضر ٿي زم زم جي کوھ ۾ جهاتي پائي آواز ڏنو تہ مرحوم خراساني جواب ڏنو: اَلْحَمْدُ لِلّٰه! برهوت جي کوھ مان مون کي ڇوٽڪارو ملي ويو ۽ هاڻي زم زم کوھ ۾ امن ۽ چين سان آهيان. (بلدالامين ص 98، 99)

يا الٰہی! رشتے داروں سے کروں حُسنِ سُلوک
قَطعِ رِحْمی سے بچوں اِس میں کروں نہ بھول چُوک

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿60﴾ هِند تان هڪدم ڪعبي جي سامهون

هِند ۾ موجود هڪ ڳاهه ڪٽيندڙ پوڙهي شخص کي 9 ذوالحِجّةُ الحرام جي ڏينهن خيال آيو تہ اڄ يومِ عرفہ آهي. خوش نصيب

حاجي سڳورا عرفات جي ميدان ۾ گڏ ٿيا هوندا اهو خيال ايندي ئي هڪ ٺڏو ساهه کڻي نهايت حسرت سان اهو چيو: ”اي ڪاش! مان به حجّ جو شرف حاصل ڪيان ها. قُدوَةُ الڪُبرا، محبوب يزداني حضرت سيدنا شيخ سيد اشرف جهانگير سمناني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام ويجهو ئي موجود هئا، پاڻ جڏهن حسرت ڀريو اهو آواز ٻڌو ته فرمايائون: ”هيڏانهن اچو“ اهو پوڙهو ويجهو آيو ۽ پوءِ زبان سان نه صرف هٿ مبارڪ جي اشاري سان فرمايائون: ”هليا وڃو“ اشارو ملندي ئي اهو پوڙهو شخص هتوهت مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا جي مسجد الحرام جي بلڪل سامهون ڪعبي جي روبرو پهچي ويو، ان طواف ڪيو ۽ عرفات پهتو ۽ ٻيا حج جا رڪن ادا ڪيا، جڏهن حج جا ڏينهن ختم ٿي ويا ته ان پوڙهي حاجي صاحب جي دل ۾ خيال آيو ته هاڻي پنهنجي وطن ڪيئن پهچندس. اهو خيال ايندي ئي ان حضرت سيدنا شيخ جهانگير سمناني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پنهنجي سامهون بيٺي ڏٺو ۽ فرمائڻ لڳا: ”هليا وڃو“ پوڙهي حاجي صاحب جيئن ئي ڪنڌ ڪنيو ته هندوستان ۾ پنهنجي گهر جي اندر هو. (لطائف اشرفي حصو 3 ص 602، 603 بتصرف)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کار ساز کا

(ذوق نعت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿61﴾ عجيب ڪوڙهه وارو

حضرت سيدنا ابوالحُسين درّاج رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ سال مان اڪيلو حج تي روانو ٿيس ۽ تيزيءَ سان منزلون طئي ڪندو ”قادِسِيہ“ وجي پهتس. اتي ڪنهن مسجد ۾ ويس تہ منهنجي نظر هڪ مَجذوم يعني ”ڪوڙهہ واري“ شخص تي پئي. ان مون کي سلام ڪيو ۽ چيو: ”اي ابو الحسين ڇا حجّ جو ارادو اٿئي؟“ ان کي ڏسي مون کي تمام گهڻي ڪراهت اچي رهي هئي ان ڪري مون ٽاريندي چيو: ”ها“ هو چوڻ لڳو: ”پوءِ مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هل“ مون دل ۾ چيو: اها هڪ نئين مصيبت اچي پئي! مان تہ تندرست ماڻهن جي رفاقت (يعني همراهي) کان پيو ٿو ڀڄان ۽ هڪ ڪوڙهہ وارو مون کي پاڻ سان گڏ رکڻ جي فرمائش پيو ڪري، مون صاف انڪار ڪيو ۽ هو منٿ ڪندي چوڻ لڳو: ”تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي جيڪڏهن تون مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندين“ پر مان قسم کنيو تہ خدا جو قسم! مان ڪڏهن بہ تو کي پنهنجو رفيق نہ بڻائيندس“ ان چيو: ”ابوالحسين! الله تعاليٰ ڪمزورن کي بہ اهڙو نوازي ٿو جو طاقتور بہ حيران رهجي ويندا آهن“ مون چيو: تون صحيح ٿو چوين، پر مان تو کي گڏ وٺي وڃين نہ ٿو سگهان، عصر نماز پڙهي مان وري سفر شروع ڪيو ۽ صبح جي وقت هڪ ڳوٺ ۾ پهتس تہ ڏاڍي حيرت ٿئي جو ان ڪوڙهہ واري شخص سان ملاقات ٿي. ان مون کي ڏسندي ئي سلام ڪيو ۽ چوڻ لڳو: ”الله تعاليٰ ڪمزورن کي اهڙو نوازيندو آهي جو طاقتور بہ حيران رهجي ويندا آهن.“ ان جي اها ڳالهہ ٻڌي مون کي ان جي باري ۾ عجيب خيال اچڻ لڳا، بهرحال مان اتان روانو ٿيس ۽ جڏهن ”قَرعَاء“ نالي جڳهہ پهچي نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد ۾ داخل ٿيس تہ

اتي بہ ان کي وينل ڏٺو. ان چيو: ”اي ابوالحسين! الله تعاليٰ ڪمزورن کي اهڙو نوازيندو آهي جو طاقتور بہ حيران ٿي ويندا آهن“ اهو ٻڌي مون تي روئڻ واري ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ مون وڏي ادب سان عرض ڪيو تہ حضور! مان الله تعاليٰ کان معافي جو طلبگار آهيان ۽ اوهان کان بہ معافي جو طلبگار آهيان، مون کي معاف ڪريو. فرمائڻ لڳا: اهي توهان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو؟ مون عرض ڪيو: مون کان تمام وڏي غلطي ٿي جو اوهان سان سفر نہ ڪيو، ڪرم فرمائي مون کي معافيءَ سان نوازي سفر ۾ شريڪ ڪريو. فرمايائين: ”اوهان مون کي گڏ نہ رکڻ جو قسم کڻي چڪا آهيو ۽ مان اوهان جو قسم ٽوڙائڻ نہ ٿو چاهيان“ مون چيو تہ ٺيڪ آهي، پوءِ ايترو ڪرم فرمايو تہ هر منزل تي پنهنجي زيارت جي ترڪيب فرمايو. فرمايائين: اِنْ شَآءَاللّٰه! پوءِ هو منهنجي نگاهن کان لڪي ويا ۽ مان بہ اڳتي وڌي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ جي ان نيڪ ٻانهي جي برڪت سان رهيل سفر ۾ مون کي اُڃ ۽ ٿڪاوٽ جو احساس بہ نہ ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مون کي هر منزل تي ان بزرگ جي زيارت ٿيندي رهي، ايتري تائين جو مان مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي مشڪبار فضائن سان فيضياب ٿيڻ کان پوءِ مڪي شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا پهچي ويس، اتي حضرت ابوبڪر ڪَتَّاني ۽ حضرت سيدنا ابوالحسن مُزَيِّن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمَا سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيو. مون انهن کي اهو حيرت انگيز واقعو ٻڌايو تہ ان چيو: اڙي نادان! خبر اٿئي تہ اهي ڪير هئا؟ اهي حضرت سيدنا ابو جعفر مَجذوم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هئا. اسان تہ دعائون گهرندا آهيون تہ ڪاش! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي ان وليءَ جو ديدار نصيب فرمائي. ٻڌ هاڻي جڏهن بہ تنهنجي

ان سان ملاقات ٿئي ته اسان کي ضرور ٻڌائجان. ڏهين ذوالحج تي جڏهن مان جَمرَۃُ العَقبہ يعني وڏي شيطان کي رمي ڪئي (يعني پٿريون هنيون) ته ڪنهن شخص مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ چيو ته اي ابو الحسين! جيئن ئي مان پوئتي مڙي ڏٺو ته منهنجي سامهون اهي بزرگ يعني حضرت سيدنا ابو جعفر مجذوم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه موجود هئا. انهن کي ڏسندي ئي مون تي روئڻ واري ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ مان روئيندي روئيندي بي هوش ٿي ڪِري پيس. جڏهن منهنجا حواس بحال ٿيا ته هو هليا ويا، پوءِ آخري ڏينهن طوافِ رخصت ڪري "مقام ابراهيم" تي ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ کان پوءِ مان جيئن ئي دعا جي لاءِ هٿ کنيا ته اوچتو ڪنهن مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ڏٺم ته حضرت ابو جعفر مجذوم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هئا. فرمائڻ لڳا: ابوالحسين! پريشان ٿيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي بي فڪر ٿيو. مان خاموش ٿي ويس ۽ مان بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ٽي دعائون ڪيون. ان منهنجي هر دعا تي "آمين" چيو. ان کان پوءِ هو منهنجي نظرن کان گم ٿي ويا ۽ وري نظر نه آيا. منهنجون ٽي دعائون هي هيون اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! منهنجي لاءِ "فقر" اهڙو پيارو بڻاءِ جو دنيا ۾ ان کان وڌيڪ ڪا به شيءِ مون کي پياري نه هجي. (2) مون کي اهڙو نه بڻاءِ جو منهنجي ڪا به رات اهڙي حالت ۾ گذري جو صبح جي لاءِ ڪا شيءِ ذخيرو ڪري رکان پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ ڪيترائي سال گذري ويا، پر مان ڪا به شيءِ پاڻ وٽ ذخيرو ڪري نه رکي ۽ ٽين دعا هي هئي (3) اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! جڏهن تون پنهنجي ولين سڳورن رَحِمَهُمُ الله کي پنهنجي ديدار جي سعادت نصيب فرمائين ته مون کي به ان ۾ شامل فرمائجان.

مون کي پنهنجي عظيم رب عَزَّوَجَلَّ مان پوري اميد آهي تہ منهنجون اهي دعائون ضرور پوريون فرمائيندو چو تہ ان تي هڪ ڪامل ولي پنهنجي ”آمين“ جي مهر لڳائي هئي. (عيون الحکايات ص 291) **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ضُعف مانا مگر یہ ظالم دل
اُن کے رستے میں تو تھکا نہ کرے

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿62﴾ جڏهن آقا ﷺ ٿهرايو پاڻ ئي انتظام ٿي ويا

حضرت علامہ اَبوالفَرَج عبدالرحمٰن بن علي ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”عُيُونُ الحِڪايات“ ۾ لکن ٿا: هڪ پرهيزگار شخص جو بيان آهي تہ مان مسلسل ٽن سالن کان حج جي دعا ڪري رهيو هئس، پر منهنجي حسرت پوري نہ ٿي، چوٿين سال حج جي موسم بهار هئي ۽ دل حرم جي آزرو ۾ بي قرار هئي. هڪ رات جڏهن مان ستس تہ منهنجي ستل قسمت جاڳي پئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مان خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيس. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ، منهنجي اک کلي تہ دل خوشيءَ سان جهومي رهي هئي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو منٺو منٺو آواز ڪنن ۾ گونجي رهيو هو ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ.“ بارگاه

نبوت کان حج جي اجازت ملي چڪي هئي، مان تمام گهڻو خوش هئس. اوچتو ياد آيو ته مون وٽ ته سفر جو خرچ (زادِ راهه) به نه آهي. اهو خيال ايندي ئي مان غمگين ٿي ويس، ٻي رات وري محبوبِ ربّ، شهنشاهِ عرب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ٿي پر مان پنهنجي غربت جو چئي نه سگهيس. اهڙي طرح ٽين رات به خواب ۾ بارگاهه رسالت مان حڪم ٿيو: ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃ“ مان سوچيو ته جيڪڏهن مڪي مدني آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوٿون ڀيرو خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ته پنهنجي مالي حالت جي باري ۾ عرض ڪندس.

آہ! پلے زر نہیں رختِ سفر سرور نہیں
تم بلالو تم بُلانے پر ہو قادِر یانبی

چوٿين رات وري سَروَرِ ڪائنات، شاهه موجودات صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي غريب خاني تي ڪرم فرمايو ۽ ارشاد فرمايائون: ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃانءِ“ مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو: منهنجا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ خرچ وغيره نه آهي. ارشاد فرمايائون: ”تون پنهنجي گهر جي فلاڻي جاءِ کوٽ ته اتي تنهنجي ڏاڏي جي زرهه پئي هوندي“ ايترو فرمائي سلطان بحروبر صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هليا ويا“ صبح جڏهن منهنجي اک کلي ته مان تمام گهڻو خوش هئس. فجر جي نماز کان پوءِ ٻڌايل جڳهه تي کوٽائي ڪئي ته واقعي هڪ قيمتي زرهه موجود هئي ۽ بلڪل صاف شفاف هئي جڻ ته ان کي ڪنهن استعمال ئي نه ڪيو هجي. مان ان کي چئن چار هزار دينارن

۾ ڪپايو ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان حج جا اسباب پاڻ ئي پيدا ٿي ويا. (عيون الحڪايات ص 326 ملخصًا)

جب بُلایا آقا نے    خود ہی انتِظام ہو گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿63﴾ اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌي ورتي

حضرت سيدنا علي بن مُوَفّق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون حج جي سعادت حاصل ڪئي. ڪعبي شريف جو طواف ڪيو، حَجَر اَسْوَد کي چمي ڏني، ٻه رڪعتون نماز طواف پڙهي ڪعبي شريف جي پٽ سان ويهي روئڻ لڳس ۽ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي پاڪ گهر جي چوڌاري خبر ناهي ته ڪيترا چڪر لڳايا، پر مون کي خبر ناهي ته قبول به ٿيا آهن يا نه؟ پوءِ مون تي خمار ڇائنجي ويو ۽ مون هڪ غيبي آواز ٻڌو: "اي علي بن مُوَفِّق! اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌي آهي ۽ ڇا تون پنهنجي گهر ۾ صرف ان کي ناهين گهرائيندو جنهن سان تون محبت ڪندو آهين!" (الروض الفائق ص 59)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بُلاتے ہیں اسی کو جس کی بگڑی یہ بناتے ہیں
کمر بندھنا دِیارِ طیبہ کو کُھلنا ہے قسمت کا
(ذوق نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿64﴾ صبر ڪرڻ ها تہ قدمن مان چشمو جاري ٿي وڃي ها

حضرت سيدنا عبدالله بن حُنَيف رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ مان حج جي ارادي سان نڪتس، بغداد پهچندي ئي حالت اها ٿي وئي جو لاڳيتو چاليهن ڏينهن تائين ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو. سخت اُڃ جي حالت ۾ جڏهن هڪ کوهہ تي ويس تہ اتي هڪ هرڻ پاڻي پي رهيو هو ۽ مون کي ڏسندي ئي وٺي ڀڳو، جڏهن مان کوهہ ۾ ڏٺو تہ پاڻي تمام هيٺ هو ۽ اهو ڪنهن ڏول کان سواءِ نہ ڪڍي سگهجي ها. مان اهو چئي هلڻ لڳس: ”اي منهنجا مالڪ ۽ مولٰي منهنجو مرتبو ان هرڻ جي برابر بہ ناهي.“ مون کي پويان آواز آيو تہ اسان تو کي آزمايون هو، پر تو صبر نہ ڪيو. هاڻي واپس وڃ ۽ پاڻي وڃي پيءُ. جڏهن مان ويس تہ کوهہ مٿي تائين پاڻي سان ڀريل هو ۽ مون پنهنجي اُڃ لاٿي ۽ پنهنجي مَشڪ بہ ڀري ورتي تہ غيب مان هڪ آواز آيو: هرڻ تہ مَشڪ کان سواءِ آيو هو، پر تون تہ مَشڪ سان آيو آهين. مان سڄي رستي ان مشڪ مان پاڻي پيتو ۽ وضو ڪندو رهيس، پاڻي ختم نہ ٿيو. پوءِ جڏهن حج کان واپسي تي ۽ جامع مسجد ۾ داخل ٿيس تہ اتي حضرت سيدنا جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ تشريف فرما هئا. انهن مون کي ڏسندي ئي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن تون هڪ گهڙي بہ صبر ڪرين ها تہ تنهنجي قدمن مان چشما جاري ٿي وڃن ها. (الروض الفائق ص 103)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُن کے طالب نے جو چاہا پا لیا　　اُن کے سائل نے جو مانگا مل گیا

(ذوق نعت)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿65﴾ طواف ڪندڙ هڪ شخص جي عجيب دعا

حضرت سيدنا قاسم بن عثمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي علم ۽ فضل وارا ۽ متقي بزرگ هئا، فرمائن ٿا: مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو طواف دوران صرف اها دعا گهري رهيو هو: اَللّٰهُمَّ قَضَيۡتَ حَاجَةَ الۡمُحۡتَاجِيۡنَ وَحَاجَتِيۡ لَمۡ تَقۡضِ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ تو سڀني حاجت مندن جي حاجت پوري فرمائي ۽ منهنجي حاجت پوري نہ ڪئي. مان ان کان جڏهن ان عجيب دعا جي تڪرار جي باري ۾ پڇا ڪئي، تہ چيائين اسان ست ڄڻا جهاد ۾ وياسين ۽ غير مسلمن اسان کي گرفتار ڪري ورتو، جڏهن قتل جي ارادي سان ميدان ۾ آندائون تہ مان يڪدم منهن مٿي ڪيو، ڇا ٿو ڏسان تہ آسمان ۾ ست دروازا کليا پيا آهن ۽ هر دروازي تي هڪ حور بيٺي آهي ۽ جيئن ئي اسان جي ڪنهن رفيق کي شهيد ڪيو پئي ويو، مون ڏٺو تہ هڪ حور هٿ ۾ رومال کڻي شهيد جو روح کڻڻ لاءِ زمين تي لهي پئي ۽ اهڙي طرح ڇهن رفيقن کي شهيد ڪيو ويو ۽ سڀني جا روح کڻڻ جي لاءِ هڪ حور لهندي رهي. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ هڪ درٻاريءَ پنهنجي خدمت جي لاءِ مون کي بادشاهہ کان گهري ورتو ۽ مان شهادت کان محروم رهجي ويس ۽ مان هڪ حور کي چوندي ٻڌو: "اي محروم آخر ان سعادت کان تون ڇو محروم رهجي وئين؟" ۽ پوءِ آسمان جا ست ئي دروازا بند ٿي ويا تہ پوءِ اي ڀاءُ! مون کي پنهنجي محرومي تي سخت افسوس آهي ڪاش! مون کي بہ شهادت جي سعادت عنايت ٿي وڃي ها. اهائي اها حاجت آهي جنهن کي اوهان دعا ۾ ٻڌو.

حضرت سيدنا قاسم بن عثمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي خيال ۾ انهن ستن خوش نصيبن مان سڀ کان افضل اهو ستون هو جيڪو

بچي ويو. ان پنهنجي اکين سان اهو روح پرور منظر ڏٺو جيڪو بين نہ ڏٺو ۽ پوءِ هو زنده رهيو ۽ وڏيک ذوق و شوق سان نيڪيون ڪندو رهيو. (المستطرف ج 1 ص 249) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مال و دولت کی دعا ہم نہ خدا کرتے ہیں
ہم تو مرنے کی مدینے میں دُعا کرتے ہیں

(وسائل بخشش 143)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿66﴾ اللّٰه تعاليٰ جي خفيہ تدبير

حضرت سيدنا ابو محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **اللّٰه تعاليٰ** جي پروسي تي ٽي مسلمان سفر جي خرچ کان سواءِ حج جي لاءِ روانا ٿيا. سفر جي دوران اهي عيسائين جي هڪ ڳوٺ ۾ ترسيا. انهن مان هڪ جي نظر خوبصورت نصراني عورت تي پئي تہ اهو ان تي عاشق ٿي پيو. اهو عاشق ڪنهن حيلي بهاني سان ان ڳوٺ ۾ رهي پيو ۽ بئي حاجي اڳتي روانا ٿي ويا. پوءِ ان عاشق پنهنجي دل جي ڳالهہ ان عورت جي والد سان ڪئي تہ ان چيو: ان جو مهر تون نہ ڏئي سگهندين. ان پڇيو: ان جو مهر ڪهڙو آهي؟ جواب مليو: ”عيسائي ٿي وڃ“ ان بد قسمت عيسائيت اختيار ڪئي ۽ ان عورت سان نڪاح ڪيو ۽ ٻہ ٻار بہ پيدا ٿيا ۽ آخرڪار هو مري ويو. ان جا ٻئي رفيق حاجي ڪنهن سفر تان ٻيهر ان بستيءَ مان اچي لنگهيا تہ سموري حقيقت کان واقف ٿيا. انهن کي سخت افسوس ٿيو ۽ جڏهن اهي ان عيسائين جي قبرستان جي ويجهو پهتا تہ ان (عاشق) جي قبر تي هڪ عورت ۽ ٻن ٻارن کي روئيندي ڏٺو.

پوءِ اهي ٻئي حاجي ٻه (الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيه تدبير کي ياد ڪري) روئڻ لڳا ان عورت پڇيو ته اوهان ڇو ٿا روئو؟ انهن مرڻ واري جي مسلمان هئڻ جي حالت ۾ نماز، عبادت ۽ زهد تقويٰ وغيره جو تذڪرو ڪيو. جڏهن عورت اهو ٻڌو ته ان جي دل اسلام ڏانهن مائل ٿي پئي ۽ اها پنهنجي ٻن ٻارن سميت مسلمان ٿي وئي. (الروض الفائق ص 16 ملخصًا) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪيترو ڏڪائڻ وارو معاملو آهي جو حرم پاڪ جو نيڪ پرهيزگار مسافر اوچتو عشق مجازي جي چڪر ۾ قاسي دل سان گڏوگڏ دين به وڃائي وينو ۽ ڪجهه وقت عيش و عشرت ڪرڻ کان پوءِ ان کي موت اچي ويو. ان حڪايت مان عبرت جو سبق وٺي ڪري اسان سيني کي **الله تعالٰي** جي خفيه تدبير کان ڊڄڻ ۽ خاتمه بالخير جي دعا ڪرڻ گهرجي، جو خبر ناهي ته اسان سان ڪهڙو معاملو ٿيندو. مڪتبة المدينه جي طرفان جاري ڪيل حيرت انگيز VCD يا آڊيو ڪيسٽ "الله عَزَّوَجَلَّ کی خفيه تدبير" خريد ڪري ضرور ٻڌو اِنْ شَآءَالله اوهان خدا جي خوف کان ڏڪي ويندا.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے — مگر تُجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے — جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿67﴾ اي ڪاش! مان بہ روئيندڙن مان هجان ها

عرفات جي دعا ۾ حاجين جي آهہ و زاري ۽ گوڙها ڳاڙڻ جاري هو تہ حضرت سيدنا بکر رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمائڻ لڳا تہ اي ڪاش! مان انهن روئيندڙ حاجين منجهان هجان ها ۽ حضرت سيدنا مُطَرِّف رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ خوفِ خدا جي سبب عاجزيءَ سان عرض ڪيو: ”اي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ منهنجي نافرمانين جي ڪري انهن حاجين کي رد نہ ڪجان.“ (الروض الفائق ص 59) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یا خدا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿68﴾ وقوفِ عرفات ڪرڻ وارن جي مغفرت

حضرت سيدنا محمد بن مُنڪدِر رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ 33 حج ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي آخري حج ۾ ميدان عرفات جي اندر مناجات ڪندي عرض ڪيو: ”يا **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تو ڄاڻين ٿو تہ مان انهيءَ عرفات ۾ 33 ڀيرا وقوف ڪيو آهي. هڪ ڀيرو پنهنجي طرفان، هڪ ڀيرو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي طرفان حج سان مشرف ٿيس. يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! مان تو کي گواهہ ٿو بڻايان تہ مان باقي 30 حج ان شخص کي تحفي ۾ ڏنا جيڪو هتي عرفات ۾ رهيو، پر ان جو وقوفِ عرفہ قبول نہ ڪيو ويو. جڏهن پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ عرفات کان مُزدَلِفہ پهتا تہ خواب ۾ ائين چيو ويو: اي ابن مُنڪَدِر! ڇا تون ان تي ڪرم تو ڪرين جنهن ڪرم خود پيدا ڪيو؟ ڇا تون ان تي سخاوت تو

ڪرين جنهن خود سخاوت پيدا ڪئي؟ تنهنجو ربّ تو کي فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي عزت و جلال جو قسم! مون وقوفِ عرفات ڪرڻ وارن کي عرفات پيدا ڪرڻ کان 2 هزار سال اڳ ئي بخشي ڇڏيو هو. (الروض الفائق ص 60)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

غمِ حیات ابھی راحتوں میں ڈھل جائیں
تری عطا کا اشارہ جو ہو گیا یا ربّ

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿69﴾ آقا جي نالي سان حج ڪرڻ واري تي ڪرم

حضرت علي بن مُوَفِّق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪيترائي حج ڪيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون کان خواب ۾ مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: ”اي ابن مُوَفِّق! ڇا تو منهنجي طرفان حج ڪيا؟“ مون عرض ڪيو: ”جي ها“ فرمايائون: ڇا تو منهنجي طرفان تَلْبِيه پڙهيو؟ مون عرض ڪيو: ”جي ها“ فرمايائون: ”مان قيامت جي ڏينهن تو کي ان جو بدلو وٺي ڏيندس ۽ مان محشر ۾ تنهنجو هٿ پڪڙي تو کي جنّت ۾ داخل ڪندس جڏهن ته ماڻهو اجا حساب جي سختيءَ ۾ هوندا.“ (لباب الاحياء ص 83) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شکریہ کیونکر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰے
کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

(وسائل بخشش304)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿70﴾ 60 حج ڪرڻ وارو حاجي

حضرت سيدنا علي بن مُوَفّق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو اهو 60 هون حج هو. حرم پاڪ ۾ حاضر هئا تہ سندن ذهن ۾ يڪدم خيال آيو تہ حج جي لاءِ ڪيستائين هر سال ويرانن ۽ جهنگلن جي مٽي لتاڙيندين! ايتري ۾ ننڊ جو جهوٽو آيو ۽ سمهي پيا، غيبي آواز ٻڌائون: ان جي لاءِ خوشخبري آهي جنهن کي ان جي مولا عَزَّوَجَلَّ دوست رکيو هجي ۽ پنهنجي گهر گهرائي بلند رتبي سان سرفراز فرمايو هجي. (روض الرياحين ص 107 ملخصًا) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ضُعف مانا مگر یہ ظالم دل
اُن کے رستے میں تو تھکا نہ کرے!

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿71﴾ موڪلاڻي جي اجازت لاءِ انتظار واري نوجوان کي خوشخبري

حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪعبي شريف وٽ هڪ جوان کي ڏٺو جيڪو لاڳيتو نماز پڙهي رهيو هو ۽ ٻيهڻ جو تہ نالو

ئي نہ پيو وٺي. موقعو ملندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو ڇا ڳالھ
آھي جو واپس وڃڻ بدران لاڳيتو نمازون پيا پڙھو. چوڻ لڳو:
پنھنجي مرضيءَ سان ڪيئن وڃان موڪل جي اجازت جو انتظار
آھي. حضرت سيدنا ذُوالنُّون مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اجا اسين
ڳالھيون ئي ڪري رھيا ھئاسين تہ ان جوان جي مٿان ھڪ چٺي
ڪري ۽ ان ۾ لکيل ھو: ”اھا چٺي خدا عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ان جي
شڪر گذار ۽ مخلص ٻانھي جي لاءِ آھي، واپس وڃ تنھنجا سمورا
گناھ معاف ڪيا ويا آھن.“ (روض الرياحين ص 108) **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ **جي انھن تي رحمت
ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محبّت میں اپنی گُما یا الٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿72﴾ مايوس نہ ٿيندڙ حاجي

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ھڪ عابد جو بيان
آھي تہ مان لڳاتار ڪيترن ئي سالن تائين حج ڪيا ۽ ھر سال ھڪ
درويش کي ڪعبي جو دروازو پڪڙيندي ڏٺو. جڏھن ھو ”اَللّٰھُمَّ لَبَّيْک“
چوندو ھو تہ غيب مان آواز ايندو ھو: ”لَالَبَّيْک“ مون چوڏھين سال ان
شخص کان پڇيو تہ اوھان ٻوڙا تہ نہ آھيو، ان جواب ڏنو: مان سڀ
ڪجھ ٻڌي رھيو آھيان، مون چيو تہ پوءِ اھا تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟
ان چيو: ”يا شيخ! مان قسم کڻي ٿو چوان تہ جيڪڏھن 14 سالن جي

بدران 14 هزار سال بہ منھنجي عمر ھجي ھا ۽ سال جي بدران ھر ڏينھن هزار پيرا بہ اھو جواب "لَالَبَّيْک" ٻڌڻ ۾ اچي ھا تڏھن بہ ان دروازي کان متو نہ ڪٽان ھا. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان اجا گفتگو ۾ مصروف ھئاسين تہ اوچتو آسمان مان ھڪ ڪاغذ ان جي سيني تي ڪريو، ان اھو ڪاغذ مون ڏانھن وڌايو تہ ان ۾ لکيل ھو: "اي مالڪ بن دينار! تون منھنجي ٻانھي کي مون کان جدا تو ڪرين تہ مون ان جا ڪيترن ئي سالن جا حج قبول ناھن ڪيا، پر ائين ناھي ۽ انھيءَ عرصي ۾ ايندڙ سيني حاجين جا حج بہ ان جي پڪار جي برڪت سان قبول ڪيا آھن تہ جيئن ڪو بہ منھنجي درٻار مان محروم نہ ٿئي."

## دعا قبول نہ ٿيڻ جون حڪمتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن حڪايت مان اسان کي اھي بہ مدني گل مليا تہ دعا جي قبوليت ۾ ڪٽي ڪيتري بہ دير ٿئي پر دل ننڍي نہ ڪجي، اسان کي دير جي حڪمتن جي خبر ناھي. دعا جي قبوليت ۾ دير ۽ پڻ شروع کان ئي دعا جي قبوليت جو اظھار نہ ٿيڻ بہ اسان جي حق ۾ مفيد آھي، منھنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والد، رئيسُ المُتَڪَلِّمِين حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي فرمان جو خلاصو آھي: حڪمتِ الاھي مطابق تون ڪڏھن پنھنجي ناداني ءَ جي ڪري ڪا شيءِ گھرين ٿو تہ ربّ تعاليٰ مھرباني ڪندي تنھنجي دعا قبول نہ ٿو فرمائي ڇوتہ تون جيڪو گھري رھيو آھين، اھو جيڪڏھن عطا ڪيو وڃي تہ تو کي نقصان ٿئي. مثال طور تون دولت گھرين ۽ تو کي ملي وڃي تہ تنھنجو ايمان خطري ۾ پئجي وڃي يا تون صحت گھرين ٿو پر ان جو ملڻ تنھنجي آخرت جي لاءِ نقصانڪار

آهي. ان ڪري هو تنهنجون دعائون قبول نہ ٿو فرمائي. سورة البقره آيت نمبر 216 ۾ آهي:

عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْؕ

**ترجموڪنزالايمان**: عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالھ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

يہ کيوں کہوں مجھ کو يہ عطا ہو يہ عطا ہو
وہ دو کہ ہميشہ مرے گھر بھر کا بھلا ہو

(ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿73﴾ مولا! ڪنهن جي در تي وڃان

دعا قبول ٿئي يا نہ پر دعا ۾ سُستي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کي پڪاريندو رهڻ بہ تمام وڏي سعادت ۽ حقيقت ۾ عبادت آهي، ان سلسلي ۾ هڪ ٻي حڪايت پيش آهي. هڪ ضعيف بزرگ هڪ نوجوان سان گڏ حج ڪرڻ ويو ۽ جيئن ئي اِحرام ٻڌي چيائين: ”لَبَّيْكَ“ (يعني مان تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهيان) تہ غيب مان آواز آيو: ”لَا لَبَّيْكَ“ (يعني تنهنجي حاضري قبول ناهي) تہ نوجوان حاجيءَ ان کي چيو تہ ڇا اوهان اهو جواب نہ ٻڌو؟ پوڙهي حاجيءَ فرمايو تہ جي ها، مان تہ 70 سالن کان اهو جواب ٻڌي رهيو آهيان ۽ مان هر ڀيري عرض ڪندو آهيان: ”لَبَّيْكَ“ تہ جواب ايندو آهي: ”لَالَبَّيْكَ“ نوجوان چيو: پوءِ اوهان ڇو ٿا اچو؟ سفر جون تڪليفون برداشت ڇو ٿا ڪيو ۽ پاڻ کي ڇو ٿا ٿڪايو، پوڙهو حاجي روئي چوڻ لڳو: پوءِ مان ڪنهن جي درتي وڃان؟ مون کي چاهي رد ڪيو وڃي يا قبول ڪيو وڃي، پر مان تہ هتي ايندس. هن در کان سواءِ

منهنجي پناھ ڪٽي بہ ناهي. غيب مان آواز آيو: ”وڃ! تنهنجون سڀ حاضريون قبول ٿي ويون.“ (تفسير روح البيان ج 10 ص 176)

وہ سُنیں یا نہ سنیں اُن کی بَہر حال خوشی
دردِ دل ہم تو کہے جائیں گے اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿74﴾ حَجاج بن يوسف ۽ هڪ اعرابي

حَجّاج بن يوسف سخت گرمين جي موسم ۾ سفر دوران مڪي شريف کان مديني پاڪ ويندي رستي ۾ پڙاءُ ڪيو ۽ ناشتي جي وقت خادم کي چيائين تہ ڪنهن مهمان کي ڳولي اچ! هو ويو ۽ ان جبل تي هڪ اعرابي کي ستل ڏٺو ۽ پير سان ٺڏو هڻي جاڳايو ۽ چيو: تو کي گورنر حَجّاج بن يوسف طلب فرمايو آهي، هو اٿي حجاج وٽ آيو. حجّاج چيو: مون سان گڏ ماني کائو. ان چيو: مان اوهان کان بہ سٺي ڪريم جي دعوت قبول ڪري چڪو آهيان. پڇيائين: اهو ڪير آهي؟ جواب ڏنائين: اللّٰه تعاليٰ! جو ان مون کي روزي رکڻ جي دعوت ڏني ۽ مون رکي ڇڏيو. حجّاج چيو: اهڙي شديد گرميءَ ۾ روزو؟ جواب ڏنائين: ها قيامت جي سخت ترين گرميءَ کان بچڻ جي لاءِ، حجاج چيو: نيڪ آهي هاڻي سڀاڻي روزو نہ رکجان مون سان گڏ ماني کائجان. چيائين: ڇا توهان سڀاڻي تائين منهنجي زنده رهڻ جي ضمانت ڏئي سگهو ٿا؟ چيائين: اهو منهنجي وس ۾ ناهي. چيائين: حيرت آهي جو اوهان آخرت جي معاملي ۾ بيوس هجڻ جي باوجود بہ دنيا طلبيءَ ۾ لڳا پيا آهيو. حجّاج چيو:

هي ڪاڏو تمام عمده آهي. جواب ڏنائين: ان ڪي نہ اوهان عمده ڪيو آهي ۽ نہ ئي بورچيءَ. پر ان ڪي صحت ۽ عافيت بخش ٽيڙ واري خوبيءَ عمدو ڪيو آهي يعني جيڪو مريض هوندو آهي ان ڪي لذت ناهي ايندي، پر صحت مند ڪي گهٽو وٽندو آهي ۽ صحت و عافيت ڏيڻ واري ذات ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي آهي. ان ڪري ان قادر مطلق عَزَّوَجَلَّ جي دعوت تي اوهان ڪي روزو رکڻ گهرجي. (رفيق المناسڪ ص 212)

ڪچھ نیکیاں کمالے جلد آخِرت بنالے
کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿75﴾ جن جو حج قبول نہ ٿيو تہ انهن تي بہ ڪرم ٿي ويو

حضرت سيدنا علي بن مُوَفَّق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون 50 کان وڌيڪ حج ڪيا ۽ هڪ ڪان سواءِ سيني جو ثواب جناب رسالت مآب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خلفاءِ اربعين (يعني چار يارن) رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي پيءُ ماءُ ڪي ايصال ڪيو. باقي هڪ حج رهيل هو (جنهن جو اجا تائين ايصال نہ ڪيو هو) مون عرفات جي ميدان ۾ موجود ماڻهن ڪي ڏٺو ۽ انهن جا آواز ٻڌا تہ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن انهن ۾ ڪو اهڙو شخص آهي جنهن جو حج قبول نہ ٿيو هجي تہ مان پنهنجي حج جو ثواب ان ڪي ايصال ڪريان ٿو. پوءِ ان رات جڏهن مان مُزدَلِفہ ۾ ستس تہ خواب ۾ اللّٰه التوّاب عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيو ۽ اللّٰه تعاليٰ مون ڪي ارشاد فرمايو: اي علي بن مُوَفِّق! ڇا تون مون تي سخاوت ٿو ڪرين؟ مان تہ عرفات ۾ موجود

سيئي ماڻهوءِ انهن جي تعداد جي برابر ۽ وڌيڪ انهن کان پيڻ ماڻهن جي مغفرت فرمائي آهي ۽ انهن مان هر ماڻهوءَ جي انهن جي گهر وارن ۽ پاڙيسرين جي حق ۾ بہ شفاعت قبول فرمائي آهي. (روض الرياحين ص 128)

کوئی حج کا سبب اب بنا دے مجھ کو کعبے کا جلوہ دکھا دے
دیدِ عَرَفات و دیدِ مِنیٰ کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿76﴾ حج جي سفر ۾ بهترين هم سفر

هڪ شخص حضرت سيّدنا حاتِم اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو تہ مون کي حج جو سفر ڪرڻو آهي. ڪو اهڙو هم سفر ٻڌايو جنهن جي سٺي صحبت جو فيض حاصل ڪندي الله عَزَّوَجَلّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سگهان. فرمايائين: اي ڀاءُ! جيڪڏهن توهان هم نشين چاهيو ٿا تہ قرآن پاڪ جي تلاوت جي هم نشيني (يعني صحبت اختيار ڪريو ۽ جيڪڏهن ساٿي چاهيو ٿا تہ فرشتن کي پنهنجو ساٿي بڻايو ۽ جيڪڏهن دوست درڪار هجي تہ الله عَزَّوَجَلّ پنهنجي دوستن جي دلين جو مالڪ آهي ۽ جيڪڏهن توشو (سفر جو خرچ وغيره) چاهيو ٿا تہ الله تعاليٰ تي يقين سيني کان بهترين توشو آهي ۽ ڪعبة الله کي پنهنجي سامهون تصور ڪري خوشيءَ سان ان جو طواف ڪريو. (بحرالدموع ص 125)

**الله عَزَّوَجَلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مُعجِزہ شَقُّ القمر کا ہے "مدینہ" سے عیاں
"مہ" نے شَق ہو کر لیا ہے "دِین" کو آغوش میں

**شعر جو مطلب:** شاعر پنهنجا "خيالات" پيش ڪندي هن شعر ۾ نهايت عمده ڳالهه ڪئي آهي تہ معجزي طور چنڊ جا ٻہ ٽڪرا جيڪي ٿيا آهن ان جو لفظ "مدينہ" مان ائين اظهار ٿي رهيو آهي تہ مديني جو پهريون اکر "م" ۽ آخري اکر "ه" مليو تہ مہ يعني چنڊ ٿيو ۽ مہ جي ٻنهي اکرن "م" ۽ "ه" جي وچ ۾ لفظ "دين" موجود آهي جنهن مان لفظ "مدينہ" ٿي ويو ۽ ائين چڻ تہ "مديني" "دين" کي پنهنجي دامن ۾ ورتو آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

